**AGA KHAN UNIVERSITY EXAMINATION BOARD**

**SECONDARY SCHOOL CERTIFICATE**

**CLASS X**

**ANNUAL EXAMINATIONS 2022**

**Sindhi Paper II**

**Time: 2 hours 10 minutes Marks: 45**

Annual Examinations 2022
Teaching Only

**هدايتون**

**نوٽ: هيٺيون هدايتون ڌيان سان پڙهو:**

1. پنهنجو ۽ پنهنجي اسڪول جو نالو ڌيان سان پڙهو ۽ تصديق ڪريو تہ اهي درست آهن.

| |
|---|
| **آءٌ تصديق ٿو/ ٿي ڪريان تہ منهنجو ۽ منهنجي اسڪول جو نالودرست آهي.** |
| **اميد وار جي صحيح** |

**خاص هدايت**

2. هن پيپر ۾ ڪل **ڇهہ** سوال آهن، سيني سوالن جا جواب ڏيو.
3. پنهنجا جواب لکڻ وقت هيٺين ڳالهين جو خيال رکو:
   - هر سوال ڌيان سان پڙهو.
   - صرف ڪاري مَس واري پين/ بال پين استعمال ڪريو. پنهنجا جواب لکڻ مهل پنسل جو استعمال نہ ڪريو.
   - ڪنهن بہ قسم جون پنون، اسٽيپلر، ڪوئنٽر يا مس ڊاهڻ واري ڪا بہ شيءِ استعمال ۾ بلڪل نہ آڻيو.
   - جواب واري خاني کان ٻاهر بلڪل نہ لکو. ڏنل سيٽن ۾ ئي پنهنجا جواب مڪمل ڪريو.
4. هرسوال جون مارڪون ڏنگين ( ) ۾ ڏنل آهن.

**حصو نثر:**

**سوال**.1 (**ڪل**5 **مارڪون**)

(**الف**) **درسي ڪتاب ۾ شامل سبق "مورڙو مير بحر"جي مصنف جو نالو ڇا آهي؟ هن سبق جو مرڪزي خيال ٻن نڪتن ۾ لکو.** (3 **مارڪون**)

(**ب**) **"سچ ته علم انسان جي ٿين اک آهي ٻن اکين سان انسان ڏسي وائسي ٿو، پر علم جي اک انسان کي سچ ۽ ڪوڙ، سني ۽ خراب، نيڪي ۽ بدي جي پرک سيکاري ٿي."**

**ڏنل عبارت ڪهڙي سبق مان ورتل آهي؟ هن عبارت کي پيش نظر رکندي علم حاصل ڪرڻ جي سبب ڪنهن به فرد جي زندگي تي پيل ڪو به هڪ اثر بيان ڪريو.**

(2 **مارڪون**)

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

**حصو نظم:**

**سوال**.2 **(ڪل** 5 **مارڪون)**

**(الف)**

**سو ساراهه سچو ڏڻي، چئي حمد حڪيم**
**ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي**

**ڏنل شعر جي سمجهاڻي ۽ شاعر جو نالو لکو.** **(3 مارڪون)**

**(ب)**

**ماڻهو گلڙن کان سهڻا،**
**ماڻهو مکڙين کان پيارا.**
**ماڻهو سمندن کان اونها،**
**ماڻهو عرشن کان اوچا.**

**ڏنل شعرن ۾ بيان ڪيل خوبيون انسان پنهنجي اندر ڪيئن پيدا ڪري سگهي ٿو؟ ڪي ٻه ٻه خوبيون بيان ڪريو.** **(2 مارڪون)**

**ورق اُٿلايو**

Annual Examinations 2022 for Teaching & Learning Only

**ويا ڪرڻ:**

سوال.3 (**ڪل** 4 **مارڪون**)

**نوٽ: ڏنل مواد کي ڌيان سان پڙهو ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏيو.**

**"سماجي خدمت ۽ سماجي ڀلائيءَ جي سلسلي ۾ سڄي دنيا اندر ڪيترائي فلاحي ادارا قائم آهن، جيڪي انسان ذات جي خدمت ڪندا رهن ٿا. پاڪستان ۾ نجي سطح جو سڀ کان وڏو ادارو ايڌهي فائونڊيشن آهي."**

.i **لفظ "خدمت" کي پنهنجي جملي ۾ استعمال ڪريو.** (1 **مارڪ**)

.ii **لفظ "تنظيمن" جو واحد ڇا آهي؟** (1 **مارڪ**)

.iii **لفظ "فلاحي ادارا" گرامر موجب ڇا آهي؟** (1 **مارڪ**)

.iv **لفظ "وڏو" جو ضد لکو.** (1 **مارڪ**)

Annual Examinations 2022 for Teaching & Learning Only

**خلاصو:**

سوال.4 (**كل** 8 **ماركون**)

سبق "حضرت امام جعفر صادق عليه السلام" جو خلاصو تحرير ڪريو.

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

## تخليقي لکت:

سوال.5 (کل 15 مارڪون)



”پاڪستان ۾ راندين جو ماضي، حال ۽ مستقبل “ تي مضمون لکو.

پنهنجي مضمون ۾ هيٺ ڏنل نڪات شامل ڪريو:

- پنهنجي تحرير کي عنوان ڏيو،
- راندين جي حوالي سان بين الاقوامي سطح تي ماضي ۾ پاڪستان جي ڪاميابيون،
- راندين جي حوالي سان بين الاقوامي تي سطح پاڪستان جي موجوده ڪيفيت،
- راندين جي حوالي سان بين الاقوامي سطح تي پاڪستان جو مستقبل،
- راندين جي حوالي بهتري آڻڻ جي تجويز،
- ضرورت مطابق مزاحيه ۽ طنزيه جملا استعمال ڪريو.

**مضمون**

**عنوان:** ____________________________________________

____________________________________________

____________________________________________

____________________________________________

Annual Examination for Teaching & Learning

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

**خط:**

**سوال**.6 (**ڪل** 8 **مارڪون**)

**پنهنجي دوست يا سهيلي کي خط لکو جنهن ۾ پنهنجي پسنديده ٽي وي** (TV) **پروگرام جي باري ۾ ٻڌايو.**

**پنهنجي خط ۾ هيٺ ڏنل ڳالهيون شامل ڪريو:**

- **پروگرام جو نالو ۽ ڪيفيت،**
- **پروگرام پسند اچڻ جي وجهه،**
- **معاشري جي لحاظ سان هن پروگرام جي اهميت،**
- **دوست کي پروگرام ڏسڻ جو مشورو.**

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

**ورق اُٿلايو**

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

# Please use this page for rough work

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only

# Please use this page for rough work

Annual Examinations 2022
for
Teaching & Learning Only